حافظ حبيب الرحمان سيال

# آخوند عزيزالله مٽياروي ءَ پاران سنڌي نثر ۾ ترجمو ڪيل قرآن مجيد ۾ ڪم آندل صورتخطيءَ جو جائزو

# An-Analysis of Sindhi Alphabet Used in Translated Holy Quran inSindhi Prose by Akhund Azizullah Matiarvi


## Abstract:

*Translated Holy Quran in Sindhi prose by Akhund Azizullah Matiarvi is the basic document of Sindhi Prose. After this translation, the literary movement was started and the Sindhi literature was also written in prose.In this translated Holy Quran Akhund Azizullah used a distinct alphabet. This alphabet can be said "Akhnd Azizullah`s Sindhi" This is different from Makhdoom Abul Hassan's alphabet and other alphabets used by different sindhischolars of that time. Here we are exploring it. This translated Holy Quran first time was printed in 1841 A.D and after it at least two times. Now, at these days it is going to be unavailable in the market. Therefore, it is necessary to secure and study this prose from its linguistic and literary sides. This translation is made in "Laari" dialect and is a vocabulary of pure Sindhi words. In the alphabet of Akhund Azizullah Matiarvi, there are six words different from the present alphabet of Sindhi language. Due to this, now a day, the script of Holy Quran is not difficult to read. While in the alphabet of Makhdoom Abul Hassan, there are sixteen words different from present Sindhi alphabet. Here, we are analyzing and comparing the alphabet of Akhund Azizullah Matiarvi with the Makhdoom Abul Hassan's alphabet and present Sindhi alphabet.*


آخوند عزيزالله مٽياروي ءَ پاران قرآن مجيد جي سنڌيءَ ۾ ڪيل ترجمي جي عبارت متفقه طور سنڌي ادب ۾ بنياديءَ باقاعده نثر جي حيثيت ماڻي ٿي. جيتو ٽيڪ ان کان اڳ علامه عبدالرحيم گرهوڙي صاحب ۽ خليفي محمود نظاماڻيءَ جن جي ملفوظاتن ۽ مخدوم محمد جعفر بوبڪائيءَ جا طلاق جي مسئلي بابت ڪي جملا سنڌي نثر ۾ ملن ٿا، پر آخوند عزيزالله پاران ڪيل قرآن مجيد جو نثري ترجمو

• هيڊ ماستر، گورنمينٽ بوائز ايليمينٽري اسڪول، عوامي ڪالوني، شهيد بينظير آباد.

حقيقي طور تي سنڌي نثر جو بنياد آهي.هن ترجمي کان پوءِ باقاعده سنڌي نثر لکڻ جو لاڙو پيدا ٿيو ۽ رواج پيو. هن بابت ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي لکيو آهي ته:

”قرآن شريف جو جيڪوترجمو هن (آخوند عزيز الله) ڪيو آهي، ان جو نمونو موجود آهي. ان ڪري هن ترجمي جي بنياد تي هن کي سنڌي نثر مجڻ ۾ ڪنهن کي به پس و پيش نه ٿيندي“ (جوڻيجو، 1973ع، ص _104)

هن ترجمي کي ڪيترن ئي عالمن سنڌي ادب جو وڏو ڪارنامو ڪري لکيو آهي. ڇاڪاڻ ته هن کان پهرين سنڌي نثر ۾ ڪوبه باقاعده ڪتاب نه ٿو ملي. هن ترجمي جي بنياد تي اڳتي ٻيا ترجما ٿيا. ڊاڪٽر حامد علي خانائي صاحب هن ترجمي جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”آخوند صاحب ارڙهين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري ٽالپر حاڪمن جي دور ۾ سنڌي نثر ۾ ”قرآن پاڪ“ جو ترجمو ڪيو. آخوند صاحب جو اهو هڪ وڏو نمايان ڪارنامو آهي. سندس اهو عظيم ڪارنامو ، سنڌي ٻوليءَ جي نثري ادب ۾ پهرين ڪامياب ادبي تحريڪ آهي. سندس انهيءَ سنڌي نثر جي عبارت کان متاثر ٿي پوءِ جي عالمن پنهنجي لاءِ سنڌي نثر نويسيءَ جي راهه اختيار ڪئي.“(خانائي، مهراڻ 1979ع، ص 158)

ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو هن ترجمي بابت لکي ٿو ته:

”ٽالپرن جي آخرين دور ۾ تيرهين صدي جي شروع ۾ آخوند عزيزالله مٽياروي پهريون سنڌي عالم هو ، جنهن قرآن پاڪ جو سنڌي ”ڪبت“ کان هٽي خالص سنڌي نثر ۾ قرآن پاڪ جو ترجمو ۽ حاشيو لکيو . آخوند عزيزالله جي انهيءَ ترجمي جي ڪري ٻين سنڌي عالمن کي قرآن پاڪ جي سنڌي ترجمي آساني پيدا ٿي . گويا قرآن پاڪ جو هي ترجمو ڪانئس پوءِ جي عالمن لاءِ هڪ رهنما ۽ رهبر جي حيثيت رکي ٿو. “ (گهانگهرو، 1997ع ، ص 99، 100)

هن ترجمي جي سنڌي ديني ادب ۾ حيثيت پنهنجي جاءِ تي مسلم آهي، مگر ادبي لحاظ کان پڻ هي ترجمو مٿيرو ۽ اعلىٰ مقام ماڻي ٿو. جنهن ڪري ضروري آهي، ته هن ترجمي جو تحقيقي ۽ ادبي پهلوءَ کان جائزو ورتو وڃي.

آخوند عزيزالله مٽياريءَ پاران ڪيل قرآن مجيد جو هي ترجمو گهڻ ۾ گهڻ ٿي پيرا شايع ٿيو. هن بابت رسالي نئين زندگيءَ ۾ عبدالجبار لکي ٿو ته؛

> ”پهريون ڇاپو هي ترجمو قاضي ابراهيم نور محمد پور بندر (ڪڇ ) واري جي ڇاپي خاني مان ” مطبع محمدي پريس“ گجرات مان 1257ھ مطابق 1841ع ڌاري شايع ٿيو. “
> ٻيو ڇاپو هي ترجمو مخدوم عبدالصمد ولد حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽي ميرپور بٺوري واري بمبئي پارت مان 1293ھ مطابق 1877ع ۾ شايع ڪرايو.
> ٽيون ڇاپو هي ترجمو مطبع ڪريمي پريس بمبئيءَ مان 1320ھ مطابق 1906ع ڌاري قاضي محمد عبدالڪريم ولد قاضي نور محمد شايع ڪرايو“ (عبدالجبار، نئين زندگي، 1996ع، ص34)

هن ترجمي جو پهريون ۽ ٻيون ڇاپو ناپيد آهن. ٽئي ڇاپي جي صرف سرورق جو عڪس ملي سگهيو آهي. جڏهن ته ٽئين ڇاپي جي ڪاپي مترجم جي پونئيرن وٽ يا ڪن ادبي ذوق رکندڙن وٽ ڏسي سگهجي ٿي. ڪن اديبن وٽ ان ڇاپي جي فوٽو ڪاپي پڻ موجود آهي. هي ڇاپو وڏي سائز ۾ بهترين عربي ۽ فارسي خط ۽ تمام سهڻي سنڌي خط ۾ ڪتابت ڪيو ويو آهي. جنهن کي هر عمر جا ماڻهو نهايت آسانيءَ سان پڙهي سگهن ٿا. اٺ سؤ صفحن تي مشتمل هي ترجمو پنهنجي وقت ۾ تمام مقبول رهيو.

جيتوڻيڪ آخوند عزيزالله جي قرآن مجيد جي ان ترجمي جي پهرين ڇاپي (1841ع) کان پوءِ 1853ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نئين صورتخطي مقرر ڪئي ويئي ۽ ان ۾ ئي سنڌي ادب لکجڻ لڳو، پر هي ترجمو ساڳي صورتخطيءَ ۾1853ع کان پوءِ به ٻيوءِ ٽيون دفعو شايع ٿيو ۽ پنجاھ سالن کان وڌيڪ عرصي تائين هن ترجمي جي مقبوليت پنهنجي جاءِ تي ساڳي رهي. ان مان هن مان ترجمي جي اهميت ۽ افاديت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

### 1 . ترجمي ۾ ڪم آيل صورتخطي:

آخوند عزيزالله جنهن وقت هي ترجمو ڪيو. ان وقت تائين سنڌي ٻوليءَ جي مستقل طور تي ڪا صورتخطي مقرر ڪا نه هئي. سنڌي عالمن ماڻهن جي سمجهه ۽ سهولت خاطر صورتخطي جوڙي سنڌيءَ ۾ پئي لکيو. جيڪا انهن عالمن جي نالي جي پٺيان اها سندن سنڌي تي سڏجي. جيئن مخدوم ابوالحسن

جي سنڌي ۽ مخدوم ضياءُالدين جي سنڌي ۽ مخدوم محمد هاشم ٺٽويءَ جي سنڌي وغيره. اهڙي طرح آخوند عزيزالله به هڪ خاص صورتخطي جوڙي ان ۾ قرآن مجيد جو ترجمو ڪيو . جيتوڻيڪ آخوند عزيزالله قرآن مجيد جي ترجمي ۾ سندس پاران جوڙيل صورتخطيءَ جو ذڪر ڪونه ڪيو آهي. پر سندس ترجمي پڙهڻ کان پوءِ اسان ان ۾ استعمال ٿيل صورتخطيءَ کي جانچيوسين ته جيڪا صورتخطي نروار ٿي ، تنهن جو تفصيل هيٺ ڏيون ٿا. جنهن کي پيٽي آسانيءَ سان معلوم ڪري سگهجي ٿو، ته آخوند عزيزالله جي جوڙيل سنڌي، مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ کان ڪيتري مختلف آهي ۽ موجوده صورتخطيءَ کي گهٽي ويجهي آهي. ان کان اڳ ڪنهن به عالم آخوند عزيزالله مٽياريءَپاران ڪم آندل صورتخطيءَ کي هن طرح نروار ڪونه ڪيو آهي . اهڙي طرح اسان ان صورتخطيءَ کي" آخوند عزيزالله جي سنڌي "به چئي سگهون ٿا.

| مخدوم ابوالحسن جي سنڌي | آخوند عزيزالله جي سنڌي | موجوده صورتخطي |
|---|---|---|
| ا | ا | ا |
| ب | ب | ب |
| ب | ٻ | ٻ |
| ڀ ، ٻه | ڀ | ڀ |
| ت | ت | ت |
| ٿ ،ته | ٿ | ٿ |
| ٽ ، تر | ٽ | ٽ |
| ٺ ، ٿه | ٺ | ٺ |
| ث | ث | ث |
| پ | پ | پ |
| ج | ج | ج |
| ج | ڄ | ڄ |
| ج | جه | جه |
| نج | نج | ڃ |
| چ | چ | چ |
| چه | ڇ | ڇ |

| | | |
|---|---|---|
| ح | ح | ح |
| خ | خ | خ |
| د | د | د |
| ڌھ | ڌ | ڌ |
| ڐ | ڎ | ڐ |
| د ، ڊر | ڊ | ڊ |
| ڊ | ڍ | ڍ |
| ذ | ذ | ذ |
| ر | ر | ر |
| ڙ | ژ | ڙ |
| ز | ز | ز |
| س | س | س |
| ش | ش | ش |
| ص | ص | ص |
| ض | ض | ض |
| ط | ط | ط |
| ظ | ظ | ظ |
| ع | ع | ع |
| غ | غ | غ |
| ف | ف | ف |
| ف ، پھ | ڤ | ڦ |
| ق | ق | ق |
| ڪ | ڪ | ڪ |
| ک ، کھ | ک | ک |
| گ | گ | گ |
| گ | ڳ | ڳ |
| گھ | گھ | گھ |
| نگ | نگ | ڱ |
| ل | ل | ل |

| | | |
|---|---|---|
| م | م | م |
| ن | ن | ن |
| ڻ | ڻ | ڻ |
| و | و | و |
| ه | ه | ه |
| ء | ء | ء |
| ي | ي | ي |

اهڙي طرح واضح ٿيو، ته آخوند عزيزالله پنهنجي صورتخطيءَ ۾ موجوده صورتخطي کان صرف ڇهه اکر مختلف رکيا آهن. جڏهن ته مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ موجوده صورتخطي کان سورهن اکر مختلف آهن. انهيءَ ڪري هن وقت به آخوند عزيزالله جي صورتخطي مخدوم ابوالحسن جي سنڌيءَ کان پڙهڻ ۾ وڌيڪ سولي لڳي ٿي. البته سنڌس لاڙي لهجي جي ڪري ٻين لهجن وارن کي انوکي لڳي سگهي ٿي . آخوند عزيزالله جي صورتخطيءَ ۾ موجوده صورتخطي کان هيٺيان لفظ مختلف آهن:

| موجوده صورتخطي | آخوند عزيزالله جي صورتخطي |
|---|---|
| **ڃ** | **ڃ** |
| **ڄ** | **نج** |
| **ڏ** | **ڎ** |
| **ڦ** | **ڤ** |
| **ڙ** | ڒ |
| **ڱ** | **نگ** |

آخوند عزيزالله قرآن مجيد جي ترجمي ۾ ٻن نون غني وارن آوازن ، ڃ ۽ ڱ جي اکرن ۾ ن شامل ڪري نوان اکر مقرر ڪيا آهن ۽ چئن اکرن ڄ، ڏ، ڦ ۽ ڙ ۾ ٽٻڪن جي ترتيب مٽائي نئين صورت مقرر ڪئي وئي آهي. مخدوم ابوالحسن وانگر ڪنهن به اکر ۾ ٻيو اکر ملائي نئين صورت مقرر ڪانه ڪئي آهي. ان مان به آخوند عزيزالله جي علمي بصيرت ظاهر ٿئي ٿي.

**2 . ترجمي ۾ ڪم آندل لاڙي لهجو:**

هن ترجمي جو مترجم آخوند عزيزالله مٽياروي لاڙ سان تعلق رکندو هو. تنهن ڪري سنڌس هي ترجمو به لاڙي لهجي ۾ آهي. قرآن مجيد جي عبارت مان

### 3. جملن جي بيهڪ:

هن ترجمي ۾ جملن جي بيهڪ تحت اللفظ ترجمي جهڙي آهي ۽ جيئن ته هي ترجمو عربيءَ مان ڪيو آهي، جنهن ڪري ان جي بيهڪ سنڌي گرامر جي مطابق ناهي، پر پڙهڻ ۾ سولو ۽ عام فهم آهي. ڊاڪٽر بلوچ هنترجمي کي معنيٰ ۽ سٽاءَ جي لحاظ کان سليس سڏيو آهي. هو لکي ٿو ته:

”جڏهن هن ترجمي کي ان دور جي يا ان کان پوءِ جي اردو يا فارسي ترجمن سان ڀيٽجي ٿو ته هيءُ ترجمو نثر جي سٽاءَ ۽ معنيٰ جي لحاظ سان ڪافي سليس نظر اچي ٿو.“ ( بلوچ، 1990ع، ص 430)

### 4. نج سنڌي لفظن جو استعمال:

هي ترجمو سنڌي لغت جو خزانو آهي. هن ۾ نج سنڌي لفظ ڪم آندا ويا آهن. هن ترجمي ۾ 200کان وڌيڪ اهڙا ناياب سنڌي لفظ استعمال ڪيا ويا آهن، جن جي لغت ناهي سگهجي ٿي. جنهن وقت هي ترجمو ڪيو ويو ، ان وقت سنڌي لکڻين ۾ به عربي ۽ فارسي لفظن کي گهٽو ڪم آندو ويندو هو. پر هن سڄي ترجمي ۾ ضرورت آهر صرف 15 کان 20 عربي يا فارسي ٻوليءَ جا لفظ ڪتب آندا ويا آهن. جنهنڪري هي ترجمو نجو سنڌي ترجمو آهي. اسان هتي ان ترجمي مان ڪجهه انوکا لفظ ڏيون ٿا جن جي لغت ناهي سگهجي ٿي.

اُپيارين، اوپڙن، اوجهراٽي، اوپالو، اُلڙ ٽ، اُلون، ٻڪرون، اَتاڙ، ٿوڪن، ٿُول، ٿُسو، ٻِڪڙاندي، پاريٺا، پِڪ، جيٽي، جيرو، ڇِنو، ڇيئو، ڇوٽڪو، کَمر، ڏوٻڙي، ڏمٽين، ڏائي، ڊِمَ، رِڪارو، ريزالا، شومت، غياليون، فرمودو، ڦليهار، ڦلانتيون، ڪوپ، ڪاسا، ڀاٽيون، ڪوزا، گونر، گپيرڙن، ڳِنيون، لُونهان، لاسيارن، مهند، مرهيندڙ، مرت، مرڪ، ماڻ، مِهت، مِلسن، ميڇون، موڪ، مڏي، وطي، وانٿو، وسهڻ ورچاٽي، ويڻ، ڪاند، سُنهن، سهڙ وغيره.

### نتيجو:

آخوند عزيزالله مٽياريءَ جو هي ترجمو سنڌي ادب جي نثري تاريخ ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو. هي ترجمو لاڙي لهجي ۾ آهي. ٻولي نج سنڌي، نهايت سليس ۽ عام فهم ڪتب آندي وئي آهي. هن ترجمي ۾ استعمال ٿيل سنڌي لفظن جي لغت ٺاهي سگهجي ٿي. هن ترجمي ۾ آخوند عزيزالله جيڪا سنڌي صورتخطي استعمال ڪئي آهي، تنهن کي ان کان اڳ سنڌي ادب جي ڪنهن عالم هڙي طرح نروار ڪونه ڪيو آهي. آخوند صاحب پاران استعمال ڪيل سنڌي صورتخطيءَ کي بجا طور تي ”آخوند عزيزالله جي سنڌي“ چئي سگهجي ٿو.

**حوالا:**

1. ”بلوچ“ نبي بخش خان ، ڊاڪٽر: 1990ع . ”سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ“ ص 430، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ، سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.
2. جوڻيجو، عبدالجبار، ڊاڪٽر، 1973ع، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ص 104، حيدرآباد: (ڀهرين ايڊيشن)، سرهڻ ڪتاب 474، صدر، سنڌ.
3. خانائي، حامد علي، ڊاڪٽر:”آخوند عزيزالله متياروي، ٽالپرن جي دور جو نثر نگار“، (مقالو) ٽه ماهي مهراڻ 1979ع.1، ص 158، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.
4. عبدالجبار:1996ع،”مخدوم قاضي عزيزالله ڏيٿو متياروي“ مضمون ، ص 29_ 34، نئين زندگي ، جولاءِ_آگسٽ، جي_او_آر ڪالوني، حيدرآباد، سنڌ.
5. ”گهانگهرو“ عبدالرزاق ، ڊاڪٽر ، 1997ع ،قرآن مجيد جا سنڌي ترجما ۽ تفسير“ ص 99، 100، مهراڻ اڪيڊمي شڪارپور ، ڇاپو پهريون.